جيئڻ خان ڪيريو

# پير علي گوهر شاهه ’اصغر‘ جي شاعريءَ ۾ جماليات


***Abstract:***

**Aesthetic in the Poetry of Pir Ali Gohar Shah ‘Asghar’**

*Human being is most sensitive towards nature. Man, both male as well as female, has six such devices, through which he/she is requiring whole of the knowledge of Aestheticism.*

*Quran says “God is beautiful and he likes beauty”. Mostly all the religions pray is to express His beauty and surrender before it. These beauty acquiring devices are Nose, Ear, Eyes, Tongue, Skin, Thinking etc., each of them divert single element of beauty to brain, which is converted into static things, which can easily be though that what it must be and called single sense as seen by eyes or heard by ears or touched by tongue or smelled by nose or feel by skin and thinking etc. each of such action is called single sense, but, if few of such sense are jointly expressed that is called added sense.*

*The above said kinds of sense are a source in Europe for test of lyrical poetry of the famous poets of the world. As in Sindh first of all Dr. Tanveer Abbasi renowned poet of Sindh, critic of poetry and scholar had introduced this method of criticism of poetry on the poetry of Shah Abdul Latif Bhittai and then others also practiced the same on other poets of Sindh like Narain Shiyam’s poetry was examined by Mir Muhammad Pirzado.*

*I have honour to say that our Pir Syed Ali Gohar Shah ‘Asghar’ is such a prominent poet of Sindhi Kafi as only few of his prior and post poets of Sindh like Khush Khair Muhammad Hisbani and Syed Misri Shah of Nasarpur etc. therefore I thought to get his Kafi poetry be tested accordingly. Their details are given below in coming pages.*


**انسانذات** جو فطرت ڏانهن هڪ حساس لاڙو ۽ رويو رهيو آهي. ماڻهن، مردن توڙي عورتن کي اهڙيون ڇهه حسون مليل آهن جن رستي هو سونهن يا حسن جي مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري سگهڻ جو مجاز آهن.

” الله جميل و يحب الجمال “(الله پاڻ سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند ڪري ٿو)، انڪري لڳ ڀڳ سڀئي مذهب ان سونهن جي وضاحت ۽ يقيني موجودگيءَ جا داعي هوندا آهن ۽ ان جي ادراڪ اڳيان پنهنجا هٿيار ( عقل رستي سوچڻ ) ڦٽا ڪري اُن جي ساراهه ڪندا آهن.





اهي ذريعا جن رستي انسان ان سونهن جو ادراڪ ماڻيندا آهن، اهي ڇهه حسون آهن: نڪ، ڪن، چپ، چمڙي، اک ۽ سوچ جو پرواز. انهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي حصي جي سونهن جي پرک کي دماغ ڏانهن منتقل ڪندو رهندو آهي. جن کي هڪ خيال جي صورت ملندي آهي، جنهن تي آسانيءَ سان سوچي ويچاري سگهجي ٿو ته اها پڪ سان هيئن هوندي، ان کي هڪ حواسي سونهن جي ڄاڻ چيو ويندو آهي. جيئن اک رستي ڏسڻ، نڪ رستي سنگهڻ، ڪن رستي ٻڌڻ، زبان رستي چکڻ، کل رستي ڇهڻ ۽ سوچ رستي ان جي شڪل تيار ڪرڻ وغيره. انهن مان هر هڪ کي اهڙي عڪس جي هڪ حسي ڄاڻ ڪوٺيو ويندو آهي، پر جيڪڏهن اهڙين گهڻين حسن مان مليل ڄاڻ کي هڪ ئي عڪس ۾ آڻبو ته اُن کي گڏيل عڪس چيو ويندو.

مٿي بيان ڪيل عڪسن جي قسمن کي يورپ جي سريلن (Lyrical) شاعرن جي شاعريءَ جي معيار جي پرک طور هڪ ماڻ يا ماپي جي صورت ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ دنيا جي ڪلاسيڪل شاعرائين خوبين کي انهي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويندو آهي.

سنڌ ۾ سڀ کان پهريان ان پرک جو رواج ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ وڌو جنهن سنڌ جي قومي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي انهن ماڻن ۽ ماپن تي پرکيو. ان کان پوءِ ٻين نقادن پڻ انهن معيارن تي پرک ڪرڻ شروع ڪئي، جيئن ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، انهن معيارن تي شاهه لطيف جي شاعريءَ جو اڀياس ڪيو آهي، ۽ جيئن تاج جويي ۽ مير محمد پيرزادي پرک جي انهن معيارن تي نارائڻ شيام ۽ ٻين جديد شاعرن جي شاعريءَ جو تفصيلي جائزو ورتو آهي.

سيد علي گوهر شاهه ’اصغر‘ سنڌي ڪافيءَ جي اهم شاعرن ۾ پائي جو شاعر آهي، جنهن جي جوڙ ۾ خوش خير محمد هيسباڻي ۽ سيد مصري شاهه اچن ٿا. انڪري مون اهو سوچيو ته سندن ڪافيءَ واري شاعريءَ کي پڻ ان زاويي کان پرکي عام تائين پهچائجي.

## پير علي گوهر شاهه ’اصغر‘ جي ڪلام ۾ جماليات:

هيءَ سڄي دنيا حسن ۽ جمال سان ڀرپور آهي. سونهن صرف الله ﷻ جي هستي ۽ اعليٰ هجڻ جي نشاني آهي، تنهنڪري چئي سگهبو ته هيءَ دنيا دارالفنا آهي، پر حسن فنا نه آهي، ڇاڪاڻ ته حسن رب پاڪ جي سچائپ ۽ دليل آهي. الله ﷻ دنيا ۾ جيڪا به سونهن پيدا ڪئي آهي، سا فقط انسان لاءِ پيدا ڪئي آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معلوم ٿيو تہ هن دنيا ۾ سڀ کان جميل انسان ئي آهي. دنيا جي هن حسن جو متلاشي تہ هر ڪو انسان آهي، پر انهن ۾ شاعر اهڙا انسان آهن، جيڪي حسن جي هُڳاءُ جو احساس ڏيارين ٿا. اهي حُسن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪن ٿا ۽ مشاهدي ۾ آيل منظرن کي پنهنجي من ۾ سانديو، لفظن جي لڙهيءَ طور پيش ٿا. ماڻهو مزو ماڻي ٿو ۽ هن ڪائنات ۾ اهڙي ريت محوَ ٿي وڃي ٿو، جو سندس فنا ٿيڻ وارو تصور نہ ٿو رهي. سچ پچ اهڙا انسان هن ڌرتيءَ جي سونهن جو نکار هوندا آهن. اهڙن سونهن وکيريندڙ شاعرن مان ڪلاسيڪي شاعر جس لهن ٿا، جن مان پير علي گوهر شاهہ 'اصغر' بہ هڪ آهي، جنهن پنهنجي ڪافين ۾ انيڪ حسناڪين کي آندو آهي. هتي سندس ڪلام ۾ آندل جماليات کي بيان ڪيو ويندو.

"جماليات، عربي لفظ جُمَلَ، جمالا، خوش صورت، خوش سيرت ٿيڻ، صفت جميل مونث جميلة."(1)

"جمال سونهن، حسن، خوبصورتي، مونث جميلہ، سهڻي، خوبصورت."(2)

مير محمد پيرزادي جماليات جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي تہ، "انگريزيءَ ۾ ايستيٽيسزم (Aestheticism) چون. اردوءَ ۾ چون 'حسن' ۽ هنديءَ ۾ چون 'سُندرتا'، جنهن جي وصف ترتيبوار: جماليات، استيٽيسزم (Aestheticism)، 'حسين' سُندرتا ۽ سونهن آهي. اهو لفظ ڪيترين مختلف معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. مثال: منهن مهاندي جي سونهن، رنگ، خوشبوءِ، سينگار، ٺٺڪار، منڍي، ڪوڙي، سريلاٽپ، سريلا سهڻا آلاپ، بود ۾ اچي وڃڻ، سواءِ ڪنهن سبب جيڪڏهن ماڻهوءَ کي خوشي ٿيڻ لڳي، مزو اچڻ لڳي، جيئن رات جي پوئين پهر ۾ کُليل ميدان ۽ وادين ۾، سواءِ ڪنهن سبب جي لطف اچڻ لڳي، يا سرءُ جي سانجهيءَ ۾ ترڙ وڻن جي ڪائيون ٽيل پانجهر تارين پويان ڪو پکي اُڏامي بولي، وشال انبر تي گهٽو متي ڪا سرڻ، بنا پرن هٽڻ جي ترندي رهي ۽ من ۾ ڪا اڪير اُتپن ٿئي تہ چئبو تہ ڪا محسوسات، ڪا پراڻي ياد لا شعور مان ان منظر جي هڪجهڙائيءَ جي حساب سان تانگهہ پيدا ڪري ۽ من ۾ ڪا اباڻڪائي يا سرور محسوس ڪرائي وجهي."(3)

اهڙي طرح اصغر سائينءَ جي ڪلام مان هڪ مثال ڏجي ٿو:

ڪافي





تنهنجي رمزن جا دل ريهي، تنهن جي ڳالھ چوان هاڻي ڪيهي!
درد بڇي مون کي ڪيوَ ديوانو، خويش قبيلي ڪؤن بيحد بيگانو،
سهڻا، آءُ پَکي پيهي هِن پيهي!
عمر تو ريءَ ويم اجائِي، گڏ گذار تہ ٿئيم سجائي،
سهڻا، ورِھ وراهيون ويهي!
هوندو نہ مون جان ڪو جانفشانو، غم گوندرن جو ڪيئہ نشانو،
سهڻا، درد پريئہ چو ديهي!
'اصغر' توتي اُئين ئي آ عاشق، جيئن عذرا تي هو يَر وامِق،
سهڻا، ٿيءُ اچي تَنهن سان ڏيهي!
(شيخ، 1999ع، ص:186)

پير سيد علي گوهر شاهہ 'اصغر' بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ خوبصورت نموني جماليات کي بيان ڪيو آهي. هتي هر هڪ حس کي بيان ڪري، اصغر سائينءَ جي ڪلام مان مثال پيش ڪندس.

### سوچڻ واري حس:

سوچڻ انسان جي 'ڇهين حس' آهي. هن حس جو تعلق هڪ ڪيفيت سان آهي. بظاهر ڪو ڇهاءُ نہ ٿيندو آهي، پر حقيقت ۾ معنوي انداز جو ڇهاءُ ٿئي ٿو. مثال طور: جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪوڙ جي صورت ۾ غلط گفتگو ذريعي دٻاءُ وڌو ويندو آهي تہ سندس سڄي جسم ۾ هڪ قسم جي لرزش پيدا ٿيندي آهي ۽ رد عمل ۾ هو مزاحمت ڪندو آهي. ڪڏهن وري ڪنهن مائٽ وغيره جي موت جي خبر ايندي آهي تہ يڪدم ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪ قسم جو خوف يا ڏک طاري ٿي ويندو آهي، جنهن کي اسين سوچ چئي سگهون ٿا. سوچ گهڻو ڪري آواز جي ٻڌڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ لاشعور کان تحت الشعور تائين هلي ويندي آهي. ۽ تحت الشعور مان موقعي جي مناسبت سان ٻاهر نڪري ايندي آهي ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. ڪڏهن وري پيار جي پنڌ ۾ جيڪڏهن ڪو ڪردار يا ڪو واقعو يا احساس وغيره تحت الشعور ۾ داخل ٿيندو آهي تہ اهو گهڻو گهرو ٿي ويندو آهي ۽ گهڻيءَ مدت تائين انسان جي سوچن ۾ موجود رهندو آهي. هي ئي حس آهي جيڪا انسان کي ٻين جانورن کان جدا ڪري ٿي ۽ اها خدا ﷻ جي طرفان خاص نعمت آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مطلب تہ هن حس جو تعلق اهڙين شين سان آهي، جيڪي سوچڻ واري معنوي لفظن سان واسطو رکن ٿيون. اصغر سائينءَ جي ڪلام ۾ بہ اهڙيون ڪيتريون ئي خوبيون آهن، جن ۾ سندس سوچڻ واري حس نظر اچي ٿي. ان قسم جا مثال اصغر سائينءَ جي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ ملن ٿا. غور ڪرڻ، ننگ سجاڻڻ، لطف ۽ ڦِٽي فراقن جو تعلق جماليات سان آهي. ننگ سجاڻڻ واري روايت ڪيڏي نہ وڻندڙ ۽ احساس ڏياريندڙ آهي:

”غور ڪري گوليءَ تي اچ عجيب آيا، ننگ سڃاڻي پنهنجو“.

(شيخ، 1999ع، ص:202)

”درس تنهنجي ڪيس ديواني، ورنهہ آءُ وري هن ديس.“

(شيخ،1999ع، ص:44)

”لطف تنهنجو لطيف، سدا مون ڪي گهرجي سائين.“

( شيخ، 1999ع، ص:45)

”ڦِٽي فراقن جي آهيان آءُ هڪ، ناهيو اوهين ڙي، آهيان آءُ هڪ.“

(شيخ، 1999ع، ص:46)

## ڏسڻ واري حس:

ڏسڻ هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪو اکين وسيلي عمل ۾ اچي ٿو. اکين جي اهڙي عمل ۽ رد عمل جو اثر دل ۽ دماغ تي پوي ٿو، جنهن سان ڪيئي نوان خيال ۽ جذبا اڀرن ٿا، جيڪي ڪڏهن مثبت ٿين، تہ ڪڏهن منفي، ڪي تہ وري اهڙا ٿين جو ماڻهوءَ جو من موهيو وجهن. اهو موهہ وري بيقراري پيدا ڪري ٿو. ان طرح اهو ماڻهو ان ڪيفيت ۾ ڪامياب ٿئي ٿو تہ خوشيون ماڻي ٿو. ڪيس نوان رُخ بہ ملن ٿا، پر جيڪڏهن ناڪام وڃي ٿو تہ اهو زندگيءَ کان فراريت اختيار ڪري ٿو، سندس اندر ۾ اڌما اچن ٿا، جيڪي نيڻن جي ننڊ ڦِٽائين ٿا. راهون تلاش ڪرڻ لاءِ واجهائين ٿا، ڪڏهن اهي جدوجهد ڪندي جبل جهاڳين ٿا تہ ڪڏهن سوڙهن پيچرن مان لنگهن ٿا ۽ ڪڏهن نانگن، واڳن ۽ سيسرن جي منهن پون ٿا، يعني سندن اهڙي ڪيفيت پيدا ڪندڙ نيڻ ئي آهن. اهي نيڻ پيا محبوب لاءِ واجهائيندا آهن تہ من لڪن مان لياڪو پائي اسان ڪي ڏسي.

لياڪي پائڻ جو تعلق ڏسڻ جي حس سان آهي. هن مان ڏسڻ واري جماليات ظاهر ٿئي ٿي. اصغر سائينءَ جي ڪلام ۾ بہ اسان ڪي پسان پرينءَ ڪي، پسيج، نرگس شهلا ۽ اکيون، جهڙيون خوبيون نظر اچن ٿيون، جن مان سندس ڏسڻ واري حس جو پتو





پوي ٿو. ان ريت اصغر سائينءَ جي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ ڏسڻ جي جماليات ملي ٿي:

”لال لڪن ۾ پاءِ ليا ڪو، توريءَ ڪنهن سان سڱ نہ سياڪو،
وجهہ نہ ورڻ ۾ ڍولڻ ڍيلون.“

(شيخ، 1999ع، ص:197)

”مران آئون، پسي پرين، جانب تنهنجو جمال.“

(شيخ، 1999ع، ص:113)

”مقصد منهن ڏسڻ سان، سهڻا سپ سندوم.“

(شيخ، 1999ع، ص:115)

”اکڙيون اڙائي ويا، ڏاڍي لنوَ لائي ويا، ڳالهہ اندر جي ڪيئن ٻڌائي ويا.“

(شيخ، 1999ع، ص:118)

”پسڻ سان پرينءَ جي، اکيون، ’اصغر‘ جون ٺريون.“

(شيخ،1999ع، ص:120)

”صورت تنهنجي سو سپرين، سڦري صاف ڪئون سون.“

(شيخ، 1999ع، ص:122)

”گاريون گلن ڪئون اڳريون، اوَڳڻ پانيان ڳڻ.“

(شيخ، 1999ع، ص:123)

”ڏسي منهن محبوب جو، اکيون هيانوَ ٺريون.“

(شيخ، 1999ع، ص:125)

”وڃي وڻڪار ۾ پسان پرينءَ ڪي، سرتيون آهي منهنجو سو ونو.“

(شيخ، 1999ع، ص:198)

”اکيون عجيب جون پسيج، اکين سان هيج، حبيب ڏي هوري
هٿن سان. ملڪ مرن جي ڪچ تون ماهہ.“

(شيخ، 1999ع، ص:199)

”نرگس شهلا ۽ اکيون انهن جون، بکيا منگن ڏنهون بهار تنهنجي.“

(شيخ، 1999ع، ص:200)

## ٻڌڻ جي حس:

انسان جن پنجن حسن جي آڌار دنيا ۾ ڪامياب زندگي گذاري رهيو آهي، انهن مان ٻڌڻ جي حس پڻ اهم آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻوڙو هوندو آهي تہ اهو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪڇھريءَ ۾ انڪري بہ وائڙو لڳندو آھي جو ھو سوچيندو آھي تہ ماڻھو الائي ڇا چئي رھيا آھن، الائي ڪھڙي موضوع تي ڳالھائن ٿا ان لاءِ منھنجي منھنجي ھائوڪار يا نھڪار بھتر رھندي الائي نہ. ماڻھو اُباڻڪو، وائڙو ۽ پريشان پيو لڳندو آھي. ھو ڪنن سان سريلا آلاپ نہ ٻڌي سگھندو، ڪير جي ساڻس ڳجھي ڳالھ ڪرڻ چاھي تہ نہ ڪري سگھندو. ماڻھو سماعت ڪان سواءِ ھن سماج ۾ اڌورو اڌورو پيو رھندو. ڇو تہ ماڻھوءَ ڪي ڄاڻ ڏيڻ واري پنجن حواسن مان ھڪ ناڪاره ھوندو. ان ٻڌڻ واري حس ڪي سائين علي گوھر شاھ اصغر پنھنجي شاعريءَ ۾ خوب استعمال ھيٺ آندو آھي، جھڙوڪ: ’ووءِ، ووءِ‘، ’سڏي‘، ’ڪُوڪن‘، ’آھون‘، ’ڦٽ ڦٽ‘، ’ڪُوڪار‘، ’جھٽڪن‘، ’چوليون‘، ’لوليون‘، ’رڙيون‘، ’گفتار‘، ’گلا غيبت‘، ’لنوَ‘، ’گُڙُڻ‘، ’پچارَ‘، ’روئڻ‘، ’ٻڌڻ‘، ’آلاپڻ‘، ’جھڙڪا‘، ’ھُڙڪا‘، ’ڪڙڪا‘، ’مڙلا‘، ’ڏڙڪا‘، ’اڙڪا‘، ’ٻڙڪا‘ ۽ ’چيھاڙيون‘ وغيره ھي لفظ ٻڌڻ جون خوبيون بيان ڪن ٿا. ڪجھ مثال ڏئي سندس شاعريءَ جي شاھوڪاري ثابت ڪجي ٿي:

سير سندا سڙڪا، سُٽي سھٽي محفوظ نہ لرزي،
ھُيس محب ساھڙ جي جا، جيءَ اندر جھڙڪا،
ٻڏي محڪم ميھر جي، حُب ھيس ھُڙڪا،
گِھڙي الله توھار سان، آيت توڪل پڙھ ڪا،
سير ڪندي وئي سير ۾، جتي ڪُنن جا ڪڙڪا،
تل نہ ترسي تاوَ ڪئون، ڏسي ميھر جي مڙڪا،
ڪچون واڳون سيسر، خوشي ڪن ڪھڙڪا،
سھسين لھريون سائر سوين، دھشت ڏڙڪا.
ڪنڌ نہ ڦيري ڪيڏھن، اڳي ھيس اڙڪا،
’اصغر‘ عاشق جي اندر ۾، باھ برھ پڙڪا.“
(شيخ، 1999ع، ص:202)

”آھي عاشق ’اصغر‘ ڪي، ووءِ، ووءِ تنھنجي وات.“
(شيخ، 1999ع، ص:14)

”سڏ سناسي سٽي، سيروءَ جو واصل ٿيا، تنھن وير ۾.“
(شيخ 1999ع، ص:81)

”ڪوھ ڪوڪن ڪئون، منھنجي، ڳاراٽيءَ ۾ سپ ٿيا ڳڙيون.“
(شيخ، 1999ع،ص:83)





”عشق جي آزار ڪئون، اصغر ڪري آھون پڙيون.“
(شيخ،1999ع، ص:83)

”ڪيئن مڙن ميدان مئون، جيڪي تنھنجي ديدن دڳيون،
ڦٽ ڦٽ سدا تن تي ھوندي، جيڪي جي ھن پڙ مئون پڳيون.“
(شيخ، 1999ع، ص:85)

”محبت سندي ماتام ۾، عاشق روئن ڪُوڪار ڪيون،
سڏڪن سدائين سوز ۾، جھٽڪن اُھي جھونگار ڪيون.“
(شيخ، 1999ع، ص:85)

”محب موڪل ڪئي تہ مون ڪئون، ويو ڇپر ۾ چوليون،
ڳوڙھا ڳاڙيو ويني ڳائيان، لڳيون يار جون ٿم لوليون.“
(شيخ، 1999ع، ص:88)

”رڙان راتون ڏينھن روھن ۾، حب اوھان جي ڪئون ھنجون ھاريو.“
(شيخ، 1999ع، ص:88)

”ھئي ڪا ھوتاڻن ۾، گوليءَ جي گفتار، سُڌ تہ مون ڪي ڏي ڪا، منجھان سچ سچار، ھئن ڪا سوليءَ جي.“
(شيخ 1999، ص:89)

”گلا غيبت، ڪَن نہ ڪنديس، سيڪا وتي پلي لنوَندي.“
(شيخ، 1999ع، ص:9)

”گورا ھئا تہ گُڙيا، بغدي آندائون ڪي باري،“
(شيخ، 1999ع، ص:93)

”پانڌي پيش پرين جي، پچر منھنجي پچار.“
( شيخ، 1999ع، ص:95)

”سيروا، سٽي سڏ يار جا، سي چاھ ڪئون ويڙا چلي،
آتش سندي آڙاھ ۾، ڄاڻي ويا ڄر ۾ ڄلي.“
(شيخ 1999، ص:96)

”اڪڙيون اچيون روئي ڪيم، سڪ سوز ڪئون وارث وي،
ديدار جن ڪيو دوست جو، جند تن ڪئي جيءَ ڪئون ٿلھي.“
(شيخ، 1999ع، ص:97)

”ووڙي ويندي وندر ڏي، ھيءَ ڏونگر ڪنئون ڏري ڪا،
ڪان ٻڌيسي، ڪڏھن، وندر ڪنئون وري ڪا.“

(شيخ، 1999ع، ص:102)

”ڪل قريب جي ڪوڙا ڪيم، روئي رانول جي ريڇ.“

(شيخ، 1999ع، ص:104)

”ڪَرَ ڪنيو ڪيچين لئہ، رڙيو رڙي تي روهہ.“

(شيخ، 1999ع، ص:105)

”آهون آلاپيون ڪري، شجر جي وٺيون شاخ.“

(شيخ، 1999ع، ص:105).

”چولي چيهاڙيون ڪيم، ڪمر سينءَ ڪئون ڪور.“

(شيخ، 1999ع، ص:106)

”ٽيس فراقڻ سڪ ڪئون، سُيس سپ سنسار.“

(شيخ، 1999ع، ص:107)

## ڇُهڻ واري حِس:

انسان جي چمڙيءَ واري حس پڻ ٻين حِسن جيان تمام اهميت لهڻي ٿي. ان ۾ ڪڙٻڙ پهچڻ تي پاڻ گسائڻ واري اذيتناڪ واردات ڪان وٺي، چنهبيارن چوٽين وارن پهٽن ۾ پٽرن، توڙي ڏنگهرن تي هلڻ واري ڪيفيت جو ذڪر آهي، جنهن سان خود ڪوسيءَ ۾ ٿڌيءَ ڪي محسوس ڪري سگهبو آهي. ڪونئري يا ڪهري جي ساڃهہ هن حس جي رستي ٿيندي آهي. ان اهم حس ڪي متاثر ڪندڙ نقطن جو استعمال اسان ڪي پير سيد علي گوهر شاهہ 'اصغر' جي ڪافين ۾ ڏادي فنڪاراڻي نموني ۾ ملي ٿو خاص ڪري چمي، وڪ، لڪ لنگهڻ، گڏجي وڃڻ، پيرين پنڌ، رسڻ، سٽڻ، ڪُنڊي ۽ سواريءَ جهڙا لفظ ڪي تمام خوبصورت انداز ۾ بيان ڪري ڇهڻ واري حس ڪي نمايان ڪن ٿا. سيد علي گوهر 'اصغر' جي ڪافين مان ڪجهه هيٺ مثال ڏجن ٿا:

”چمي چاتم چاهہ ڪئون، سور ڏنو جو سوغات.

(شيخ، 1999ع، ص:14)

”وڪ نہ واريندي پوئتي، پاريندي پرت جي پت.“

(شيخ، 1999ع، ص:15)

”پنهل ساڻ پريت، لائي لڪين لڪ لنگهڻ پيا.“

(شيخ، 1999ع، ص:16)





”اصغر چوي گڏج وڃي تون، منجهہ سيد جي سٽ.“

(شيخ، 1999ع، ص:16)

”پير پنهل ٿيا پنڌ ۾، لڪن ۾ سڃي لوٺ.“

(شيخ، 1999ع، ص:16)

”آءُ پيادي نہ پڄان، الله لڳ جهل اٺ.“

(شيخ، 1999ع، ص:18)

”تر نہ ترسيا توڙ رسيا سي، پليا نہ سي ڪنهن پير ۾.“

(شيخ، 1999ع، ص:81)

”ماءُ پيءُ مايا سيڪي، سٽيم، وڃي پيس ذوق بي زور ۾.“

(شيخ، 1999ع، ص:81)

”ڪُنڊي قرب جي هنيءِ جا هينين ۾، سهسين ساهہ ڪي ڏنئہ ساهان.“

(شيخ، 1999ع، ص8)

”بلوچن جي سواري، بغدين تي، ڪڍ تنين ڪيئن هلان سو هوريان.“

(شيخ، 1999ع، ص:82)

## چکڻ واري حِس:

اسان جڏهن چئون ٿا تہ 'مٺا ماٺهو' تہ ان جو ادارڪ ئي تڏهن ٿيندو جڏهن اسان مٺاڻ جو مزيدار ذائقو چکي ڏٺو هوندو. ذائقي چکڻ لاءِ ماڻهوءَ جي زبان هڪ اهڙو آلو آهي، جيڪو ان جي چاڻ جو انساني جسم ۾ هڪ واحد ذريعو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان اکيون ٻوٽي بہ شين ڪي اُنهن جي سواد سارُو سمجهي سگهندا آهيون تہ هيءُ ڳُڙ آهي، هيءَ ڪنڊ آهي، مصري يا نبات آهي، هي لوڻ آهي، هي ڳاڙها مرچ آهن ۽ هي ڪارا مرچ آهن.

ٻين ڪلاسيڪي شاعرن وانگر علي گوهر شاهہ 'اصغر' پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ چکڻ جي حس ڪي پڻ جوڳي انداز سان بيان هيٺ آندو آهي، جنهن سان شاعريءَ جو گهربل تاثر اڀري آيو آهي. مثال: ڪوڙا ، ٻُڪي، مٺي، وهہ، ڪساري، چؤريون، زهر، چکيان ، چسان، ڪائين، ٻاڙو، لذيذ، ڪٺا، مربا، مصريون، ماڪيون، مٺايون، کير ۽ ڪنڊ وغيره لفظن جو استعمال سندس ڪلام مان ڪجهہ مثال:

”غم گازر ڪي ڪوڙا ڪيڙا، دلبر ريءَ هي ديس.“

(شيخ، 1999ع، ص:43)

"ڪوڙا تيڙم ڪانڌ لئہ، ڪڙم قبيلو خويش."

(شيخ، 1999ع، ص:44)

"طلب تنهنجي آهي تن ۾، ٻُڪي ناهيان ضعيف."

(شيخ، 1999ع، ص:45)

"ڏني منهن محبوب مٺي جي، هور تيو حاصل."

(شيخ، 1999ع، ص:51)

"ملڻ ري مون کي محبت مٺي جي ڪاٿڻ آهي سا گوري."

( شيخ، 1999ع، ص:71)

"وهہ تيو مون کي ويهڻ، گهر گهوٽ ري گهارڻ گهڙيون."

(شيخ، 1999ع، ص:83)

"ڄمندي لڙهيس لهرن ۾، ماءُ، پيءُ تيس ڪساري."

(شيخ، 1999ع، ص:93)

"سورن جي ٻہ سوز ڪئون، تڪيا زهر تڙان ."

(شيخ، 1999ع، ص:117)

"ورنهہ جي پيي وصال جون، چڪيان آءُ چسان."

(شيخ، 1999ع، ص:117)

"خوش ڪائين تي چانور چوريون، ڏٿ وساريئہ ريت جو،
سائي سگر سانگيئڙن جي، پُلي ويئہ هيءُ پيت جو."

(شيخ، 1999ع، ص:138)

"ورهئون وسايان تي، تنهن ڏينهن لاکون، پنبڙيئون، پاٽي ٻاڙو."

(شيخ، 1999ع، ص:139)

"محب مٺائي ۾ لال لبن سان، دوست اٿئي مٺ دوشو."

(شيخ، 1999ع، ص:139)

"ڪل جديد آهي لذيذ، "اصغر عاشق' نوئي."

(شيخ، 1999ع، ص:142)

"توري مون کي تون، جيئن ڪتا تيا سپ ڪاچ."

(شيخ، 1999ع، ص:203)





"مربا، مصريون، ماکيون، مٺايون، ويڙهيچن جي نہ وات."

(شيخ، 1999ع، ص:210)

عجيبن ريءَ نہ آوِڙيون، ڪير مٺايون ڪنڍ.

(شيخ، 1999ع، ص:231)

## سُنگهڻ واري حِس:

سنگهڻ واري حس ذريعي ماڻهو سٺي ۽ خراب، خاص ڪري بوءِ سان تعلق رکندڙ شين جي پرک ڪندو آهي. عام ماڻهن ۾ هن حس بابت ڪافي چوڻيون ۽ تشبيهون، ڪتب ايندڙيون آهن. جيئن عام طور چيو ويندو آهي تہ ادا هر ڪنهن گل جي خوشبوءِ پنهنجي ٿئي. هيءَ چوڻي عام طرح سٺي ماڻهوءَ جي لاءِ چون تہ گل زمين تي ڪرندو تہ بہ زمين کي خوشبو دار بڻائيندو آهي. ڪنهن شاعر جو هيءُ شعر ڏاڍو وڻندو آهي (خوشبوءِ رهي گل سندي، ڪومائجي هو پل وڃي). هتي اصغر سائينءَ ڪٿوري، ميندي، قليل، مشڪ، هاڳار، عطر، عنبير، سُرهي، سنبل، هُبڪار ۽ خوشبوءِ جهڙا لفظ استعمال پنهنجي ڪلام کي معطر ڪيو آهي. ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

"آريءَ جي ٻہ اٿن جي، پايان ڪٿوري ڪيهہ."

(شيخ، 1999ع، ص:5)

"ميندي هن ملير جي، چانگن جا چڙها."

(شيخ، 1999ع، ص:7)

"ميندي هن ملير جي، مشڪ ڪٿوري ڪوڙ."

(شيخ، 1999ع، ص:41)

"فائق فراقئون تنهنجي، ڦِتا ڪيم قليل."

(شيخ، 1999ع، ص:51)

"مٽ نہ پانيان مشڪ کي، پنهل جي ئي پٽي."

(شيخ، 1999ع، ص:73)

'اصغر عاشق' جي آهہ اندر ۾ حُب سندو هاڳار .

(شيخ 1999، ص:159)

"اڄ ڪا پرينءَ جي خبر جا آئي، سُرهي وڃايان تنهن لئہ سيج سدائي."

(شيخ، 1999ع، ص:238)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”ڪتوري خوشبوءِ عطر خوشنمايو،
شاديءَ جي شغل جو ٿيو پر وقت سعيو،
وٺي رات رحمت عطر واس وايو.“
(شيخ، 1999ع، ص:270)

”ڪتوري خوشبوءِ جو، هُو هُو جو هُٻڪار هو.“
(شيخ، 1999ع، ص:280)

## گڏيل عڪس:

سني شاعريءَ جون خصوصيتون اُهي آهن ته ان ۾ گهڻ رُخا مقصد هجن. منجهس تاثر اهڙا هجن جيڪي عام ماڻهن جي جذبن پٺاندر هجن. اهي هڪ شاعر جون خوبيون چئبيون، جيڪي هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آڻي، سماج جي رهنمائي ڪري يا ڪيس ذڪن ۾ آٿت ڏيندڙ هجي يا ستل جذبن کي جاڳائي اُن ۾ جوش پيدا ڪري ۽ شعور ڏئي، احساسن جي سجاڳي ڪرائي، سندس شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل لفظ وڻندڙ ترنم پيدا ڪندڙ هجن، جو ته ترنم دل کي وڻندڙ ۽ دماغ کي فرحت ڏيندو آهي ۽ سوچن کي بلندين ڏانهن کڻي ويندو آهي. بلند سوچون وري نئين راهه کولين ٿيون، جنهن تي هلڻ سان زندگي آسان ٿئي ٿي. لفظ جو وري اهو به ڪمال آهي ته اُهي لا شعور مان شعور ۾ آڻين ٿا. اهي ئي لفظ آهن جيڪي ماڻهوءَ جي اندر ۾ خوشيون، غميون آڻين ٿا ته ڪاوڙ ۽ جوش به آڻين ٿا.

شاعر ماڻهن جي حالتن پٺاندر انهن لفظن کي ڪتب آڻي سندن رهنمائي ڪن ٿا ۽ گهربل مقصد حاصل ڪن ٿا. مثال طور: ون يونٽ جي ڳالهه ٿي ته ان جي خلاف ماڻهن ۾ جذبو جاڳائڻ لاءِ اهڙي شاعري ڪئي وئي جنهن سان ماڻهن ۾ پنهنجي قوميت جي ساک باقي رهي، جنهن کي پوءِ قومي شاعريءَ جو نالو ڏنو ويو. ساڳيءَ ريت اصغر سائينءَ جي زماني ۾ انگريزن جي حڪومت مسلط ٿي رهي هئي ته ان وقت اسلامي ڳالهين جي دلچسپيءَ سان گڏ پنهنجي محبوب ﷺ جي محبت پيدا ڪرڻ لاءِ شاعري ڪئي ويئي، ته جيئن انهن جو لاڙو اسلام ڏانهن هجي، نه ڪي انگريزن جي طرف. ان ريت مارئي، مارن ۽ ملير جو ذڪر سندن ڪلام ۾ هڪيو آهي، جنهن ۾ وطن دوستيءَ جو لافاني پيغام سمايل آهي. مطلب ته هر دور ۾ شاعر پنهنجي قومي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعريءَ ۾ اهڙا نرالا رنگ پئي نروار ڪيا آهن، جن سان ماڻهن جي دل ۾ جذبو پيدا ٿئي، پوءِ اهو جذبو وطنيت جو هجي، مذهب جو هجي يا سماجي گهرجن





جي پورائي جو هجي. هن وقت به هڪ اهڙي شاعريءَ جي ضرورت آهي جنهن سان انسانيت جي حقيقي معنيٰ سمجهائي سگهجي. انسانيت سان لاڳو جن شين جي ضرورت آهي تن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي. ان ۾ به مکيه انساني زندگيءَ جي آزادي آهي ۽ ان لاءِ مارئيءَ جهڙو ڪردار سنڌي شاعريءَ جو هڪ لازوال ۽ شاندار اهڃاڻ (Symbol) آهي.

شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙا عڪس چٽيندو آهي جنهن جي پٺيان گهڻ رُخا مقصد هوندا آهن. اها سني شاعر جي خوبي آهي ته هو ڪيئن نه پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن عڪسن کي لفظن جو روپ ڏيئي عوام آڏو پيش ڪري ٿو، پر اجا به جيڪڏهن ڪو شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻتا عڪس گڏي چٽي ٿو ته، اها شاعر جي وڏي خوبي ڄاڻائي وڃي ٿي، جيڪا سندس حيثيت کي اهم ثابت ڪري ٿي. علي گوهر شاهه 'اصغر' جي ڪلام ۾ ٻٽن عڪسن جي خوبي پڻ موجود آهي:

**ڇهڻ ۽ ڏسڻ:**

”سينڌ ڳُنڌائينديس سپ رنگ لائينديس، اُتي سوني تند.“
(شيخ، 1999ع، ص:263)

**ڇهڻ ۽ چکڻ:**

”قاصد ڏج ڪاغذ، منهنجي مٺل يار کي.“
(شيخ، 1999ع، ص:264)

**ڇهڻ ۽ سوچڻ:**

”هيڏي هوڏي نه ووڙ، ڳهلا ڳول اندر ۾.“
(شيخ، 1999ع، ص:264)

**ڇهڻ ۽ ڏسڻ:**

”اُج حشر جي ڏاڍي ٿيندي، ماءُ ببو اُت ڏيءُ کي نه ڏيندي.“
(شيخ، 1999ع، ص:268)

**ڇهڻ/ٻڌڻ، ڇهڻ/ڏسڻ:**

” آندا صبا پيغام ڙي، مونڏي مٺي محبوب جا.“
(شيخ، 1999ع، ص:275)

**ڏسڻ ۽ سنگهڻ:**

” ميندي هن ملير جي، مشڪ ڪتوري ڪوڙ.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(شيخ، 1999ع، ص:41)

**سنگھڻ ۽ چھڻ:**

”ڪٿوريءَ ڪئون خوشيءَ سان گس گھيرن جي گُس.

**ڏسڻ ۽ چھڻ:**

خم زلفن جي ۾ سوين سھسين، ڦاٽيون دليون جيان ڦُل.“

(شيخ، 1999ع، ص:5)

**ڏسڻ ۽ چکڻ:**

” ڏٺي منھن محبوب مٺي جي، ھور ٿيو حاصل.“

(شيخ، 1999ع، ص:51)

**ڏسڻ ۽ چھڻ:**

” ليئا پائي ٿي لڪن ۾، چڙھي ’ اصغر‘ بام.“

( شيخ، 1999ع، ص:52)

**ڏسڻ ۽ چھڻ:**

” رنگن ۾ اٿي فرق فراقي، رنگ ڪئون ڪر رَم. “

( شيخ 1999، ص:53)

**سنگھڻ ۽ چھڻ:**

” مٺ نہ پانئيان مُشڪ ڪي، پنھل جي ئي پٽي. “

(شيخ، 1999ع،ص:73)

**سوچڻ ۽ چھڻ:**

”’اصغر‘ اڪبر ڄاڻ تون ھڪڙو، سمجھي سڃاڻي چپن سان چُم.

**چھڻ ۽ چکڻ:**

ڄمندي لڙھيس لھرن ۾، ماءُ پيءُ ٽيس ڪساري. “

(شيخ، 1999ع، ص:93)

**سوچڻ ۽ سوچڻ:**

”نيٽن ڪي ڪا نند هئي، ڪا نہ ڪيائون هوشياري.“

(شيخ، 1999ع، ص:93)

**چکڻ ۽ چھڻ:**

” ڦِٽو ڪيائون ڦَٽيءَ ڪي، جيڪس ٽيس ڪٽي ڪا.





جتن ٻڏي ڪا نہ ڪا، ڦُٽن تي بہ پَٽي ڪا.“

(شيخ، 1999ع، ص:102)

**ڏسڻ ۽ سوچڻ:**

” منھن ڏسڻ محبوب جو، سرتيون آھي ثواب. “

(شيخ، 1999ع، ص:103)

## حوالا


1. رشيد احمد، پروفيسر، ’المنجد‘، دارالاشات ڪراچي، 1994ع، ص: 167.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مؤلف: ’ھڪ جلدي سنڌي لغت‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1998ع، ص:20.
3. پيرزادو، مير محمد، ’جي تو سڏ سڪڻ جي‘، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/حيدرآباد، 2012ع، ص:165.


**نوٽ:** مقالي ۾ پير علي گوھر شاھ ’اصغر‘ جي شاعريءَ مان مثال ھيٺين نسخي مان ڪنيل آھن:


شيخ، محمد فاضل، پروفيسر، تحقيق، ’اصغر سائينءَ جو ڪلام‘، جمعيت علماءِ سڪندريہ جامعہ راشديہ درگاھ حضرت پير سائين پاڳاره پير جو ڳوٺ، 1999ع.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair